SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1978

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1978

سنڌ جوا کان روڪ جو آرڊيننس، 1978

THE SINDH PREVENTION OF GAMBLING ORDINANCE, 1978

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. عام جواڪاري جي جاءِ جي مالڪي يا رکڻ يا چارج رکڻ تي ڏنڊ
Penalty for owning or keeping or having charge of a common gaming house

4. عام جواڪاري جي جڳهه ۾ ملڻ تي ڏنڊ
Penalty for being found in common gaming_house

5. عوامي جڳهه تي جواڪاري تي ڏنڊ
Penalty for gaming in a public place

6. نجي جڳهن وغيره تي جواڪاري تي ڏنڊ
Penalty for gaming in private places, etc

7. لاڳاپيل ڏوهن تي وڌايل سزا
Enhanced punishment for subsequent offence
8. داخل ٿيڻ ۽ تلاشي ونڊ جو اختيار
Power to enter and search
9. عام جوا ڪاري واري جڳهه ۽ ان ۾ موجود ماڻهن سان احترام سان پيش اچڻ
Presumption with respect to common gaming house and persons present therein
10. ڏوهه ۾ پائيوار سان سزا ۾ نرمي
Tender of pardon to accomplice
11. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
12. ٻين قانونن وغيره کي ختم ڪرڻ جو آرڊيننس
Ordinance to override other laws, etc
13. منسوخي
Repeal

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1978

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1978

سنڌ جواڪاري کان روڪ جو آرڊيننس، 1978

THE SINDH PREVENTION OF GAMBLING ORDINANCE, 1978

[15 مارچ 1978]

آرڊيننس جنهن ذريعي جواڪاري کان تحفظ فراهم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ جواڪاري کي روڪڻ جو ايڪٽ مجريہ 1977 تڏهن پارليامينٽ طرفان جوڙيو ويو هو جڏهن اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 280 هيٺ هنگامي حالتون لاڳو هيون؛

۽ جيئن تہ 15 سيپٽمبر 1977 تي هنگامي حالتن جي اعلان جو مدو پورو ٿيڻ تي، اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ جاڻايل ايڪٽ جي گنجائش کي جاڻايل تاريخ کان ڇهن مهينن پورن ٿيڻ تي صوبائي قانون طور ٻيهر لاڳو ڪيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جواڪاري کان روڪ جو آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 15 مارچ 1978 کان

لاڳو سمجهيو ويندو.

commencement

وصفون

Definitions

2. ڇاڙايل آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "عام جواڪاري جي جڳهه" مطلب هڪ گهر، ڪمرو، خيمو، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي ڪا جڳهه جيئن به هجي، جنهن ۾ جوا راند جا اوزار رکيل هجن يا راند جي مقصد لاءِ استعمال ڪيا وڃن:

(i) ڪنهن شخص جي فائدي جي حاصلات جي نظر سان جيڪي اهڙي ڪنهن جاءِ، ڪمري، خيمي، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي ڪنهن جاءِ جي مالڪي، والار يا هجيس، ته اهڙي جاءِ، ڪمري، خيمي، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا جڳهه يا اوزارن جي استعمال جي حوالي سان هجي معاوضو ونڊندو يا جيئن به هجي؛ يا

(ii) اهڙي فائدي يا حاصلات جي غرض سان يا ان ڪانسواءِ، جيڪڏهن راند جنهن جي مقصد لاءِ اهڙا اوزار ايئن رکيا ويا آهن يا راند ڪن انگن يا نمبرن يا تي ڏنل راندين تي کيڏي وئي آهي يا ظاهر ٿي آهي، پوءِ اهي جوا کيڏڻ وقت ملن يا اتي موجود هجن؛

(b) "جواڪاري" جنهن ۾ شامل آهي جوا کيڏڻ يا شرط لڳائڻ، جنهن ۾ شامل آهي جوا يا شرط جيڪا ڪنهن گهوڙي، گهوڙي يا گهوڙي جي ٻچڙي تي ڪنهن ٻئي گهوڙي، گهوڙي يا گهوڙي جي ٻچڙي سان ڊوڙ جي مقابلي تي لڳائي وڃي، يا انهن جي ڊوڙائڻ

واري سوار واري تي لڳائي ويجي؛

(c) "راند جا اوزار" جنهن ۾ شامل آهن ڪي شيون جيڪي استعمال ٿيون هجن يا ان مطلب لاءِ استعمال لاءِ طئي ڪيون ويون هجن يا لاڳاپيل معاملي جي، يا جاري رکڻ تي يا سهولت فراهم ڪرڻ تي راند لاءِ يا ڪي ڪاغذ جڪي رجسٽر طور استعمال ٿيندا هجن يا رڪارڊ يا ڪنهن راند جي شاهديءَ ۾

(d) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل.

عام جواڪاري جاءِ جي مالڪي يا رکڻ يا چارج رکڻ تي ڏنڊ

Penalty for owning or keeping or having charge of a common gaming house

3. (1) جيڪو به:

(a) مالڪ يا قبضو رکندڙ يا جنهن جي استعمال هيٺ ڪو گهر، ڪمرو، خيمو، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي ڪا جڳهه آهي، رکي ٿو يا استعمال ڪري ٿو يا جاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ساڳي ٻئي شخص جي قبضي هيٺ ڏئي ٿو، رکڻ ڏئي ٿو يا استعمال ڪرڻ ڏئي ٿو يا ٺڪريءَ طور ڪم آڻڻ لاءِ، يا

(b) سنڀال يا انتظام هيٺ اٿس، يا ڪنهن جوا لاءِ گهر ۾ واپار ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، يا

(c) ٺڪري هلائيندڙ ماڻهن کي راند کيڏڻ ۾ مدد ڪري ٿو يا انهن کي رقم فراهم ڪري ٿو.

اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا هڪ مهيني کان گهٽ نه هوندي ۽ نه ئي وري هڪ سال کان وڌيڪ هوندي، يا ڏنڊ جيڪو هڪ سئو رپين کان گهٽ نه هوندو يا هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو، يا ٻئي گڏ.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڪارروائيءَ دوران اهو ثابت ڪرڻ ضروري نہ هوندو تہ راند کيڏندڙ شخص ڪنهن رقم لاءِ، حصيدار طور يا ٻئي طرفان کيڏي رهيو هو.

عام جواڪاري جي جڳهہ ۾ ملڻ تي ڏنڊ

Penalty for being found in common gaming_house

4. (1) جيڪو بہ ٽڪري واري گهر ۾ ملي ٿو يا تاش سان کيڏندي، ڊائيس، ڪائونٽرس، پئسن يا ٻين راند جي اوزارن سان، يا راند جي مقصد لاءِ، پوءِ اهو پئسن، کيڏڻ يا حصي لاءِ هجي يا ٻي طرح، اهو قيد جي سزا جو حقدار هوندو جيڪا هڪ سال جي مدي تائين وڌي سگهي ٿي، ڏنڊ سان گڏ جيڪو پنج سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) ڪو شخص جيڪو ٽڪري واري گهر ۾ ڪنهن راند دوران مليو هجي يا جتي راند کيڏي وڃڻي هجي، جيستائين اهو ثابت ٿئي، اتي راند کيڏڻ جي مقصد لاءِ موجود هيو، ان کي ملوث ئي ڄاتو ويندو.

عوامي جڳهہ تي جوا جي راند تي ڏنڊ

Penalty for gaming in a public place

5. جيڪو ڪنهن عوامي جڳهہ، گهٽي يا پاڙي تي ورتل جڳهہ ۾ راند کيڏندي ملي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو پنج سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ.

[1][A_15. پوليس آفيسر، جيڪو سب انسپيڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو، اهو ڪري سگهي ٿو:

(a) ڪنهن بہ شخص کي دفعہ 5 تحت ڏوهہ ڪرڻ تي بنا وارنٽ جي گرفتار ڪري سگهي ٿو؛

(b) اهڙو ڪو شخص جيڪو دفعہ 5 تحت جوا ۾ استعمال جا اوزار رکڻ جو ڏوهہ ڪري رهيو هجي؛

[1] 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XIII طرفان شامل ڪيل (20.8.1980)

(c) هو ضبط ڪري سگهي ٿو قبضي ۾ ونڻي سگهي ٿو جوا ۾ استعمال ٿيندڙ رقم، سڪيورٽيز، قيمتي شيون يا راند جا اوزار جن جي استعمال ٿيڻ جو شڪ هجي يا جيڪي دفعہ 5 تحت ڏوهہ ۾ استعمال ٿيڻا هجن.]

نجي جڳهن وغيره تي جواڪاري جي راند تي ڏنڊ

Penalty for gaming in private places, etc

6. جيڪو بہ ڪنهن جوا کيڏندي گهر، ڪمري، خيمي، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي جڳهہ ۾ مليس، اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ.

لاڳاپيل ڏوهن تي وڌايل سزا

Enhanced punishment for subsequent offence

7. جيڪو بہ، هن آرڊيننس تحت ڪنهن ڏوهہ ۾ سزايافته هجي، ٻيهر اهڙو ڏوهہ ڪري تہ اهو هر اهڙي ترتيبوار ڏوهہ لاءِ قيد جي جو مستحق هوندو، جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو ٻن هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ.

داخل ٿيڻ ۽ تلاشي ونڊ جو اختيار

Power to enter and search

8. جيڪڏهن [2][***] فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ ڪنهن معلومات تي ۽ اهڙي جاچ پڙتال ڪانپوءِ جيئن اهو ضروري سمجهي، ان کي اعتبار ڪرڻ جو سبب آهي تہ ڪا جڳهہ هڪ عام راند جي جڳهہ طور استعمال ٿي آهي، يا اتي دفعہ 6 تحت ڪو ڏوهہ ٿي رهيو آهي يا ڪنهن بہ جڳهہ تي، اهو:

(a) اهڙي جڳهہ ۾ ڪنهن بہ وقت اهڙي مدد ۽ اهڙي فورس استعمال ڪندي داخل ٿي سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري

[2] 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXXVI طرفان لفظ ضلعي ماجسٽريٽ، سب ڊويزنل ماجسٽريٽ ختم ڪيا ويا.

سمجهي:

بشرطيڪ، جيڪڏهن اهڙي جڳهه هڪ عورت جي قبضي هيٺ آهي، جيڪا روايت موجب عوام آڏو نڪتي اچي، آفيسر اهڙي جڳهه ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ان عورت کي نوٽيس ڏيندو ته اها پردو ڪري ۽ ان کي پردو ڪرڻ لاءِ جوڳو وقت ڏيڻ کانپوءِ ۽ پردو ڪرڻ لاءِ جوڳي سهولت فراهم ڪرڻ کانپوءِ، اهو ان جڳهه ۾ داخل ٿيندو.

(b) اهڙي جڳهه ۾ رکيل يا لڪايل جوا کيڏڻ جي اوزارن جي تلاشي وٺي سگهي ٿو ۽ ۽ اتي مليل ماڻهن جي به تلاشي وٺي سگهي ٿو سواءِ عورتن جي.

(c) راند جي رقم ۽ رقم لاءِ سڪيورٽي يا قيمتي شيون جن جي استعمال ٿيڻ جو شڪ هجي يا جيڪي راند جي مقصد لاءِ استعمال ٿيڻيون هجن، ضبط ڪري يا قبضي ۾ وٺي سگهي ٿو جيڪي ان جڳهه تان ملن ۽ ڪي ماڻهو جيڪي اتان ملن؛ ۽

(d) سيني ماڻهن کي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿو سواءِ عورتن جي، جيڪي ان جڳهه ۾ موجود هجن، پوءِ اهي راند کيڏي رهيا هجن يا نه.

جواڪاري واري جڳهه ۽ ان ۾ موجود ماڻهن سان احترام سان پيش اچڻ

Presumption with respect to common gaming house

9. جتي ڪي پتا، ڊائيس، راند جون ٽيبلون، راند جا ڪپڙا، راند جا بورڊس يا ٻيا اوزار يا راندين ڪنهن جڳهه، ڪمري، خيمي، اڳڻ، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي جڳهه تي ملن يا دفعه 8 جي گنجائشن موجب ڳوليا وڃن، يا يا عارضي بنيادن تي ثابت ٿين، ته اهڙو گهر، ڪمرو، خيمو، انڪلوزر، گاڏي، جهوپڙي يا ٻي جڳهه عام راند جي گهر لاءِ استعمال ٿيندي آهي ۽ اتان مليل ڪو شخص اتي راند کيڏڻ لاءِ موجود هو، جيتوڻيڪ عملدار پاران داخلا ۽ تلاشي وقت ڪا به راند کيڏندي نه به ڏٺي وئي

هجي.

and persons present therein

ڏوهہ ۾ پائيوار سان سزا ۾ نرمي

Tender of pardon to accomplice

10. ڪو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي ٽڪراءَ ۾ ايندڙ ڪنهن راند سان لاڳاپيل آهي ۽ جيڪو ماجسٽريٽ آڏو گواهہ طور پيش ڪيو ويندو تہ ڪنهن شخص جي ٽرائل لاءِ پيش ٿيڻ وقت هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب، اهڙي جاچ پڙتال تي، ماجسٽريٽ جي راءِ موجب سچ ۽ ايمانداري سان بازيابي ٿي آهي، سندس ڄاڻ موجب سمورين شين جي، جن موجب ڪانئس اهڙي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي، ڄاڻايل ماجسٽريٽ کان لکت ۾ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهي ٿو تہ هن آرڊيننس تحت اهڙي راند جي سلسلي ۾ اڳ ڪيل ڪنهن بہ عمل جي سلسلي ۾ ڪيس سمورين ڪارروائين کان بري ڪيو وڃي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

11. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن آرڊيننس جي گنجائشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ٻين قانونن وغيرہ کي ختم ڪرڻ جو آرڊيننس

Ordinance to override other laws, etc

12. هي آرڊيننس وقتي طور تي لاڳو ٿيل ٻئي قانون تي اثرانداز ٿيندو.

منسوخي

Repeal

13. سنڌ جوا کان روڪ آرڊيننس، 1961 (1961 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس I) کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.